عائشہ حسن ڏاريجو

# ورهاڱيءَ کانپوءِ 1990ع تائين سنڌي ادب ۾ سنڌي عورت افسانا نگارن جوڪردار

# Role of Sindhi Female Writers of Short Story in Sindhi Literature After Partition Upto 1990

**Abstract:**

Literature is an art, mirror of life, learning of life, critics on different aspect of life. Every section of literature has provided freedom to human being, happiness in society and developed environment in which the society grow up in a constructive manner. The form of literature, short story in prose, have brought new dimension and renaissance in Sindhi literature.

Short stories were written regarding exploitation of the oppressed class in different forms, upper class i.e feudals, sardar, landlords, Peer and Meer intimidating the oppressed class i.e Hari (peasants هاري) violation of rights of this class. Short stories were also written regarding exploitation of lower class in the form of unemployment and creating political, social and economical problems for Sindhi people in general and specific for the rights of Sindhi women.

Sindhi literature writers have played a vital and powerful role through their writings in the form of short story, prose, poetry and essays in the period from 1947 to 1980 after partition.

Before partition Hindu Sindhi writers translated the literature of different languages in Sindhi. That introduced new dimensions in literature.

After partition women writers who wrote short stories were Ms Popti Hera Nandani, Ms Sundri Utam Chandani, Badam Naatwani and Begum Zeenat Abdullah names stands on top. Not only they have written short story but also encouraged and created new lines for the entry of new comers in literature writing.

In the male dominant society, where male writers formed their groups, created resistance against a courageous, strong female writer Ms Sumaira Zareen, she beared that resistance and wrote short stories regarding the role of women in the society, her courage and support have standing in sindhi society. Her short stories “Chhano ڇانو”, “Subah Kithay Ahae صبح ڪٿي آهي” and

“Erikha ايرڪا” are the best stories. Other female writers who played a powerful role in writing short stories and remained successful in their artistic writings, were Zeenat Abdullah Channa, Naseem Thebo, Jiji Zarina Baloch, Fahmida Hussain, Mehtab Mehboob, Noor-ul-Huda Shah and Shabnam Gul.

In this article, it will be tried at best to reveal the weaknesses, of Sindhi society. Female writers fulfilling their responsibilities with passon and braveness brought the psychological feelings and pains of common women through their writings before the society.

It is clear that after partition female writers have played a significant, distinguished powerful role brought arwareness, courage and ways of struggle for enlightenment of Sindhi Society.

Further through this article it will elaborate that the female writers not only have written about love, affection but creating strong relationship between male and female members of the society, poverty, class struggle, love with motherland and about status of a education in Sindhi masses. And also elaborated the character of different problem of female.

آزاديءَ کان اڳ ۾ ادب جي صنفن تي هندو سنڌي اديبن جو ڪردار تمام اهم رهيو آهي انهن نہ صرف نظم بلڪ نثر ۾ بہ پاڻ مڃرايو آهي. مغربي دنيا ۾ جڏهن ناول يا افسانو پنهنجي عروج تي هيو ان مهل سنڌ ۾ سنڌي هندو اديبن ۽ ڪجھ مسلمان سنڌي اديبن ٻاهرين لکڻين کي ترجمو ڪرڻ شروع ڪيو. 1853ع جنهن ۾ منشي اڌارام ٿانور داس، ديوان ڏيارام، غلام حسين قريشي، ميران محمد شاھ اول، منشي ننديرام ميراڻيءَ، ديوان ڪيولرام سلامتراءِ ان کانپوءِ 1890ع کان اسان کي مرزا قليچ بيگ صاحب جا ترجمو ٿيل ڪتاب ملن ٿا، جنهن ۾ “دلپسند قصا” شيطان جي ناني، ڪادمبري، دل جو آرام ۽ عجيب دوا، دل وندرائيندڙ ڳالهيون، هندوستان جون ديسي آکاڻيون ۽ ڪجھ ٻيون ڪهاڻيون آهن. ان کانپوءِ هڪ ڊگهي لائن آهي اديبن جي جن نثر توڙي نظم کي عروج تي پهچايو، افسانن ۾ ترجمي کانپوءِ اصلوڪيون ڪهاڻيون لکيون ويون. جنهن ۾ اسان کي سنڌي عورتن ليکڪائن جو ڪو خاص ڪردار نظر نٿو اچي، ها البتہ ايترو چئي سگهجي ٿو تہ “سنڌي نثر جي تاريخ” (منگها رام ملڪاڻي) ۾ اسان کي سنڌي هندو نارين جون ڪهاڻيون ۽ ناول نظر اچن ٿا جيڪي مختلف ٻولين ۾ لکيل آهن ۽ پوءِ آهستہ آهستہ سنڌي ۾ ترجمو ڪيا ويا، انهن ڪهاڻيڪارن ۾ آشا ديوي، سيتا چٽرجي، شريمتي گهوشال، نروپما ديوي، شانتا،

سيتا ديو سپاڻي، سروج ڪماري، ديوي ديال، سؤرنا ديوي گهوشال شامل آهن. "پهرين سنڌي عورت جنهن ساهت جي ميدان ۾ قدم ڪنيو هو ۽ بلڪل ثابت قدم اها هئي شريمتي گلي سدارنگاڻي، 1941ع ۾ سندس اتحاد ناول نڪرڻ سان ڪٽر پنگتي اڳواڻن ۾ چؤبول مچي ويو. (موضوع هڪ هندو ڇوڪري هڪ مسلمان لائق ڇوڪري سان لائون ٿي لهي) هن ناول ۾ راجنيتي آزاديءَ بابت انقلابي خيال پهريون دفعو بردباري سان ظاهر ڪيل هُئا."(1)

ان ڪانپوءِ ڪيترين ئي سنڌي هندو ليکڪائون هيون جن نثر جي صنف ۾ طبع آزمائي ڪئي، انهن مان مڪمل مجموعو هيو، "مائي واساڻيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو مائي واساڻيءَ جون ڪهاڻيون 1943ع ۾ شايع ٿيون."(2)

هي اُهو عرصو هيو جڏهن ملڪ ۾ هر طرف وٺ پڪڙ وارو دؤر هيو، آزاديءَ جي تحريڪن جي هر طرف هلچل متل هئي. سنڌي هندن لاءِ پنهنجا ڏيهي ماڳ مڪان ڇڏڻ ڏاڍا ڏکيا هُئا، پر مجبوريءَ وچان سندن کي اباڻا ڪک ڇڏڻا پيا، انهن جي سنڌ ڇڏي وڃڻ سان ادب ۾ هڪ خال پيدا ٿي پيو، هر طرف ماٺار واري صورتحال هئي، ڏيهي ماڻهن کي بہ پنهنجن ساٿين جي جدائي جو ارمان هيو، پر آهستہ آهستہ انهن اُهو خال پُر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهن اديبن ۾ شيخ اياز، اياز قادري، غلام رباني آگرو، جمال ابڙو، ع.ق شيخ، سوڀو گيانچنداڻي، نجم عباسي، ابن حيات پنهور، عبدالرزاق راز، بيگم زينت عبدالله چنہ، حفيظ شيخ، سراج الحق ميمڻ، بشير مورياڻي، علي احمد بروهي، رسول بخش پليجو، شيخ عبدالستار، رشيد ڀٽي، ثميره زرين، رشيده حجاب، زرينہ بلوچ ۽ انهن جهڙا ٻيا گهڻائي ڪهاڻيڪار هن سفر ۾ شامل هُئا. انهن نہ صرف ڌرتي ۽ ٻولي جي مسئلن تي لکيو پر هن جاگيردارانہ نظام خلاف بہ ڪلم ڪلا بغاوت ڪئي، انهن ڪهاڻيڪارن ۾ نسيم کرل، رشيد ڀٽي، اياز قادري، جمال ابڙو، غلام نبي مغل، سراج الحق ميمڻ، غلام نبي آگري، امر جليل ۽ ٻين ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون شامل آهن، جن سماج جي مختلف موضوعن کي قلم هيٺ آندو مثال جي طور تي زميندار ۽ هاري جا مسئلا، غربت پسماندگي، جهالت مان پيدا ٿيندڙ اُهي مسئلا جن سنڌ ڌرتي جون پاڙون کوکليون ڪري ڇڏيون آهن، چور، ڌاڙيل، پير مير، وڌندڙ آباديءَ ۽ بيروزگاري جا مسئلا، ڳوٺن ۽ شهري آبادي جا مسئلا، عورتن جا مسئلا، گڏيل ڪٽنب، پيار محبت کان علاوه آزاديءَ ڪانپوءِ واري جيڪا صورتحال هئي، جنهن ۾ سنڌي هڪ گُهٽ ۽ ٻُوساٽ واري زندگي

گذاري رهيا هُئا، اُهي مسئلا سنڌي ڪهاڻيڪارن نہ صرف ڪنيا پر ان تي مختلف قسم جون اَذيتون بہ برداشت ڪيائون. ورهاڱي کانپوءِ وارو دؤر سياسي وٺ پڪڙ وارو دؤر هيو. ڏيهي ماڻهو آزاديءَ کانپوءِ سک جو ساهہ کنيو تہ ملڪ آزاد ٿيو آهي ۽ هاڻي اسان جا مسئلا بہ حل ٿيندا، پر خواب رڳو خواب رهيا ساپيان حاصل نہ ڪري سگهيا. ورهاڱي کانپوءِ "سڀ کان اول ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ جو مسئلو، ڪراچي ۾ سنڌي ٻوليءَ کي قائم رکڻ جو مسئلو، ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي زبان لاءِ ذريعہ . تعليم جو مسئلو، سنڌي قوميت جو مسئلو، ون يونٽ کانپوءِ ايوب خان جي مارشل لاءِ جو نفاذ، سنڌ ۾ وڏيرن جاگيردارن، ميرن، پيرن جي طرفان، هارين نارين ۽ غريبن لاءِ ڪيئي مسئلا پيدا ڪيا ويا، مطلب تہ سنڌ ۾ سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن جي بدلجڻ جي ڪري سنڌ گهڻي قدر متاثر ٿي."(3)

انهن سڀني مسئلن کي منهن ڏيندي اديبن حالتن سان اکيون اکين ۾ ملائي ادب لاءِ پنهنجا فرض سرانجام ڏنا. مرد ڪهاڻيڪارن کان علاوه عورت ڪهاڻيڪارن بہ پنهنجو ڪردار تمام پختگي سان ادا ڪيو، انهن ڏينهن ۾ جڏهن نياڻين جي تعليم جو جوڳو بندوبست ڪونہ هيو، شهرن ۾ ڪجهہ خاندانن جي ڇوڪرين کي تعليم ميسر هئي. ڳوٺن ۾ تعليم جو رجحان گهٽ هيو، يا ڪٿي ائين چئجي تہ جاگيرداري ۽ قبائلي ريتن رسمن جي ڪري نياڻين جي تعليم کي ڏوهہ سمجهيو ويندو هيو. ان لاءِ اسان کي آزاديءَ کان اڳ ۾ سنڌي هندو ليکڪائون نظر اچن ٿيون جنهن ادب ۾ چڱو خاصو ادب تخليق ڪيو، ورهاڱي کانپوءِ زينت عبدالله چنہ ۽ بادام ناتوان جا نالا سرِ فهرست آهن، جنهن ڪهاڻيءَ يا ادب جي ميدان ۾ نون ايندڙ لاءِ نوان گس چِٽيا آهن. زينت عبدالله جون ڪهاڻيون مٺي، رانديڪو ۽ اونداهي تمام بهترين ڪهاڻيون آهن. زينت عبدالله اُها ڪهاڻيڪار آهي جنهن جي اڳتي اچڻ سان سنڌي عورتن ۾ لکڻ جو چاهہ وڌيو. سندس ماهوار رسالو "مارئي" ادب جي ميدان ۾ اُن دؤر ۾ چڱي جاءِ والاري ٿو. سندس ڪهاڻي "مٺي" امير ۽ غريب جي فرق کي واضح ٿي ڪري جنهن ۾ ننڍڙي دائود جي دردن جي داستان بيان ڪيل آهي تہ هن تنگ نظر معاشري ۾ غريب جي ڪابہ حيثيت ناهي ۽ نہ هن جو ڪو احساس ڪرڻ وارو آهي. "منهنجو دماغ ڦاٽي رهيو هو، سر جي درد کان زياده مون کي دلي درد هو، ڇوتہ دائود جي روئڻ مون کي بي قابو بڻائي ڇڏيو هو، پر دائود جو تہ هر عضوو

زخمي پيو هو ۽ علاج نندڙي مالڪ جو ٿي رهيو هو، ڊاڪٽر موٽرن ۾ پئي آيا، آرام ۽ کاڌي جا مشورا پئي ڏنا، ننڍن ۽ وڏن پئي پڇيو، مون کي اهو حال ڏسي پنهنجي مفلسي ۽ بي وسيءَ تي غصو پئي آيو.“(4)

ڏنو وڃي ته سندس ڪردار تمام پختا آهن ۽ اسلوب بيان نيٺ سنڌي اٿس، موضوع جي حساب سان به ڏنو وڃي ته زينت جا موضوع پنهنجا ڏيهي ماڻهو سندن پريشانيون ۽ مسئلا آهن، هُن پنهنجن ڪردارن ۾ عورتن کي باوقار، بهادر ۽ غيرتمند ڏيکاريو آهي. سندس ڪانپوءِ اچڻ وارين ڪهاڻيڪارن ۾ ثميره زرين، رشيده حجاب، جيجي زرينه بلوچ، نسيم ٿيبو، ماهتاب محبوب، خيرالنساء جعفري، تنوير جوڻيجو، فهميده ميمڻ، سحر امداد، تبسم ماهتاب قريشي، نورالهديٰ شاهه، جهان آرا سومرو، تهمينه مفتي، فرزانه شاهين، شبنم گل، ناهيد مغل، زبيده ميتلو، نسيم پارس گاد، ثانيه ٿيبو ۽ مختلف ڪهاڻيڪار آهن، جن ڪهاڻيءَ جي صنف ۾ طبع آزمائي ڪئي.

**ثميره زرين:**

ثميره زرين جي بهترين ڪهاڻين مان ”وطن“، آءُ اُهائي مارئي، رمندا بادل، گيت اُجايل مورن جا اهم ڪهاڻيون آهن. ثميره زرين جي ڪهاڻي ”وطن“ ورهاڱي ڪانپوءِ جي صورتحال تي لکيل آهي، جيڪا ڏيهه ڇڏي پرديس وڃي پنهنجن اباڻن ڪکن، ماڳن مڪان جي ياد، پنهنجي مٽيءَ کي وري ٻيهر ڏسڻ جي آس ۾ لکيل آهي (هيءَ ڪهاڻي راج، جيڪي ڏيهه ڇڏي ممبئي هليا ويا هئا ۽ راج اُتان آمريڪا ۾ هيو) اُتي سندس پيءُ جو خط مليو، جنهن مطابق هن کي سنڌ اچي پنهنجن اباڻن ڪکن مان ڏاڏيءَ جي تصوير ڪٽي آڻڻي هُئي، پر جڏهن راج وطن آيو ته هتي ته ماڻهو ئي بدلجي ويا هيا. نه گهر پنهنجا رهيا ۽ نه روڊ ۽ رستا پنهنجا هيا. ”مان هيءُ مڪان ڏسي سگهان ٿو؟ صرف ڪجهه دير واسطي، اوهين ڪير آهيو اسان جي مڪان کي ڏسڻ وارا؟، هن نرميءَ سان ڳالهائڻ ته شايد گناهه ٿي سمجهيو، راج کي پنهنجي عجيب مبهم سوال جو احساس ٿيو، هن وضاحت ڪئي. جناب هيءَ مڪان منهنجو آهي، يعني نو سال اڳ هيءُ منهنجي ملڪيت هو، ۽ هينئر مان ان کي فقط ٿوريءَ دير لاءِ ڏسڻ ٿو چاهيان، منهنجو ٻيو ڪو مقصد ڪينهي، دراصل انهيءَ جڳهه جي اندر.... هن جملو اڌ ۾ ڪٽي بگڙيل سنڌيءَ ۾ چيو هي مڪان اسين الاٽ ڪرايو آهي. صاحب اسين جو

پارت ۾ هن کان به وڌو عاليشان ڪوني هو. (مطلب ته راج کي گهر ۾ داخل ٿيڻ نه ڏنو ۽ راج آلين اکين سان واپس وريو. (5)

“راج سوچيو، هن هڪ نگاهه جاءِ تي وڌي، اها جاءِ جنهن ۾ هن زندگي جا ٽيويهه (23) سال گذاريا هُئا، جنهن گهر ۾ هن جمڻ سان اکيون کوليون هيون، اڄ انهيءَ آڪيري اڳيان هو پجري ۾ پيل بيوس پکي جيان تکي رهيو هو، حيران ۽ ششدر”(6)

هن ڪهاڻي جي پڙهڻ سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ڪهاڻيڪار وٽ فن جي مهارت اسلوب، ڪردار نگاري ۽ حقيقت پسندي بيحد اعليٰ درجي جي آهي، اِن ڪهاڻي جي پڙهڻ سان اُها ڇاپ به لڳي هوندي ته سنڌي عورتن رڳو پيار محبت جدائي ۽ عورت جي مسئلن کي نروار ڪيو آهي، پر نه صرف عورت جي مسئن کي پر اڳتي هلي ثابت ڪيو ويندو ته عورت ڪهاڻيڪار عورتن جي مسئلن سميت سماج جي انيڪ براين طرف ڌيان ڇڪرايو آهي.

**رشيده حجاب:**

رشيده حجاب جون ڪهاڻيون جيڪي واقعي عورت جي اندر جو آواز معلوم ٿين ٿيون. سندس بهترين ڪهاڻين ۾ “وقت ۽ جذبا” شروعاتي دؤر جي ڪهاڻي آهي، ان کان علاوه “جيئڻ جا سهارا” عالمي معيار جي ڪهاڻين ۾ ليکجڻ جي لائق آهي، سندس ڪردار “خان بيبي” اهڙي خود دار عورت جي ڪهاڻي آهي، جيڪا سڄي حياتي مرد جي سهاري کان بنا گذاري ڇڏي ٿي، سندس هڪ پٽ آهي جنهن کي هُوءَ جيئڻ جو سهارو سمجهي ٿي. پر جڏهن هُو جوان ٿئي ٿو، شادي ڪري ٿو تڏهن “خان بيبي” کان جيئڻ جو سهارو کسجي وڃي ٿو، تڏهن به وڏي بردباري ۽ همت سان پنهنجي عزت ۽ پيڙهي جو پرم رکي ٿي. “هڪ بيحد سرد رات ۾ هن امان جو دروازو کڙڪايو، جڏهن هو اندر آئي ته هوءَ اڪيلي نه هئي، هن سان گڏ هن جو حقو ڪنڌ ۾ رکي مان کي چوڻ لڳو، “بيبي توهان مون کي هتي رهڻ لاءِ چوندا هيونه؟ امان اڇي ويئي آهيان. ڪوٺڙيءَ جي چاٻي مون کي ڏئي ڇڏيو.” هن جي آواز ۾ عجيب لرزش هئي، بيحد عجيب . جيڪا زندگيءَ ۾ هڪ دفعو به محسوس نه ٿئي هئي، اکين ۾ آلاڻ هئس، انهن ڳوڙهن جي، جيڪي مون يقين هو ته ڪڏهن نه وهايا هوندا، ڪنهن جي وات مان ڪجهه نه نڪتو، صرف چاٻي ڏيڻ وقت امان پڇيس تنهنجو سامان

خان بيبي". هن هڪ پل لاءِ امان کي گهوُري ڏٺو ۽ پوءِ غمن جي نشترن مان زخمي ٿيل آواز ۾ چيائين "بيبي.... اهي ماڻهو ڇا ڪندا آهن، جن جي سڄي حياتيءَ جي پونجي راهه ويندي ڏاڙيل ڦري ويندا آهن؟ اهي ڪيئن جيئندا آهن بيبي؟ اهي ڇا ڪندا آهن؟ هوءَ دروازي کان ٻاهر هلي ويئي."(7)

۽ هاڻي هن کي "خان بيبي" مان ماڻهو "خاني" چوندا هُئا ۽ هن کي ذرو به ڇڙ يا ڪاوڙ ڪانه ايندي هئي، الٽو "جي آيس" چوندي هئي، "خان بيبي" جيڪا پاڙي جي خوبصورت عورت هئي، جنهن کي بيوهه پڻ به نه جهڪائي سگهيو، هن کي شوڪت (پٽ) جي ڏنل گهاؤن جهڪائي وڌو. رشيده حجاب جي هيءَ ڪهاڻي اهڙن ڏکايل عورتن لاءِ هڪ اُتساهه آهي، جيڪي ڏکن ملڻ ڪانپوءِ پنهنجو اندر جهوري جُهڪي پون ٿيون، پر هن ڪهاڻي ۾ رشيده انهن لاءِ همت ۽ بهادري سان دنيا جي مليل ڏکن سان مقابلو ڪرڻ سيکاريو آهي، هي ڪهاڻي ادب جي ميدان ۾ عورتن لاءِ اُتساهه ۽ بهادري جو جذبو جاڳائي ٿي.

**سندري اُتم چنداڻي:**

سندري اُتمچنداڻي جي ڪهاڻي "لکي ڏي" عورت جي اندر جي نفسيات، ڏکن، وهمن، وسوسن خيالن ۽ اندر جي پيڙاءُ کي ظاهر ڪري ٿي. "پيڙائن مان ئي سڏارو ايندو آهي؟ نه نه، اها بي سمجهي آهي، ڏک سهي انسان ڪڙو ٿيندو آهي، ڏس ڏس کهڙا پيئي سين کي حرف پٽيان، ائين ٿو لڳيم جيڪر ساري عالم کي باهه ڏيئي ڇڏيان. اها سيج جا ڪڏهن منهنجي نه ٿي سگهي، ان کي ساڙي رک ڪري ڇڏيان ۽ مٿان هاري ڇڏيان ان تي ڪومل ناريءَ جو خون، جا اڄ منهنجي اندر گهٽو ڪائي مرندي، اڄ هڪ وڏو خون ٿيندو، ڪوملتا جو، مترتا جو خون، پلي لکي وچ بادلن ۾، نه ڏسج اهو خون! ڏس تارا ته اجا به الڙ ٻالڪن جيان پيا کلن، پڇن پيا تون هڪ، هن برهمانڊ ۾ آهين ئي ڇا؟(8)

هن ڪهاڻي جو پس منظر ڪجهه هن ريت بيان ٿيل آهي ته هڪ ودوا عورت آهي جنهن جو هڪ ئي پٽ آهي هو ان جي جلدي شادي ڪرائڻ چاهي ٿي، شادي ته ٿي وڃي ٿي، پر اُن "ناري" کي سندس وَرُ جو پيار، پنهنجائپ ڪجهه حاصل نٿو ٿئي، نتيجي طور هُو چند سان پنهنجو ناتو جوڙي ٿي جنهن کي پنهنجي اندر جي تڪليف ۽ پيڙا ٻڌائي دل جو بار هلڪو ڪري ٿي، ۽ آخر ۾ مڙس چويس ٿو ته "لکي ڏي" ٻئي شادي جو اجازت نامو. عورت

ڪهاڻيڪارائون، عورت تي اُن عورت جي اندر جي تڪليف، شڪست، خواهش ۽ نفسيات کي بهتر نموني ظاهر ڪن ٿيون ۽ هُو اُها ڪوشش ڪن ٿيون ته هن سماج ۾ عورت کي ان جا جائز حق ملن، هي مردن جو سماج جتي هن کي چؤديواري ۾ بند رکيون پنهنجي دل کي اطمينان بخشي ٿو اُتي هر روز انهن نياڻين جا ارمان، خواب، خواهشون سوليءَ تي ٽنگيل رهن ٿا، هُو به تعليم حاصل ڪرڻ چاهين ٿيون، هنر جي زيور سان آراسته ٿيڻ چاهين ٿيون، پيو ته ڇڏيو، پر گهرن، حويلين ۽ ڪوٺن ۾ بند رکي انهن کان انهن جا شرعي حق به کسيا وڃن ٿا، انهن جو حق بخشايو وڃي ٿو، انهن جي مٿان هڪ نه پر ٻه ٻه پهاجون آڻي ويهاريون وڃن ٿيون، پوءِ نتيجن ڪين هستريا (Hysteria) جهڙا مرض وڪوڙي وڃن ٿا، انهن ڪردارن کي جهڙيءَ ريت عورت ڪهاڻيڪار بيان ڪيو آهي بلڪل انهيءَ ريت مرد ڪهاڻيڪارن به سماج جا اهڙا ڪردار هن معاشري جي اڳيان آندا آهن، انهن ۾ ماڻڪ جي "حويليءَ جا راز"، رشيد ڀٽي جي "ياجوڪڙ"، سوڀو گيانچنداڻي جي "رحيما"، جمال ابڙي جي "پيراڻي"، امر جليل جي "ڌرتي جي ڌوڙ"، "آسمان جا تارا"، انيس انصاري جي "ڏي وٺ"، بدر ابڙو "لالان" اهم ڪهاڻيون آهن. حاصل مطلب هي ته اهڙا لاتعداد موضوع آهن جيڪي عورت ۽ مرد ڪهاڻيڪارن پنهنجن ڪهاڻين ۾ آندا آهن، ڇوته تخليق ڪار ته محض هڪ تخليق ڪار هوندو آهي، هُو پنهنجي مشاهدي ۽ اندر جي احساس ۽ جذبن سان مسئلن جي نتيجن تائين پهچي اهڙا موضوع سماج اڳيان آڻين ٿا جيڪي واقعي هن سماج لاءِ ناسور بڻيل آهن. سو اُهو چوڻ غلط هوندو ته عورت ڪهاڻيڪارن رڳو عورت جي مسئلن مونجهارن ۽ سندس نفسيات کي اُجاگر ڪرڻ وارا موضوع ڪنيا آهن، پر انهن سماج جي اوڻائين کي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اُهو الزام سراسر غلط آهي ڇوته عورت انهن موضوعن سان گڏ ٻيا به مختلف موضوع ڪنيا آهن جنهن ۾ ثميره زرين جي ڪهاڻي "وطن"، زينت عبدالله چنه جي "مني"، ماهتاب محبوب جي "ڪارو نانگ"، "جيئڻ ڪا رڻ جيڏيون"، "عرش جو بلنديون"، نورالهديٰ شاهه "ڪربلا"، "گورڪن"، "پن ڇڻ جي رُت ۾"، بانو محبوب جوکيو جي "ساهه سڳي ۾ سور"، نسيم ٿيبو جي "ڳوڙهن جي ريکا". آزاديءَ کانپوءِ سنڌي ادب ۾ نيون نيون تبديليون آيون. ورهاڱي کانپوءِ 1980ع تائين ڪهاڻي جي صنف پنهنجي منزل طرف ڪاميابيءَ سان روان دوان هئي. "ڊاڪٽر بشير احمد شاد مطابق 1947ع کان 1987ع تائين جي

چيپيل افسانوي مجموعن جو وجود تقريبن ٿي سؤ آهي ۽ هزارن ڳاٺيتي ۾ طبعزاد ۽ ترجمو ٿيل ڪهاڻيون اخبارن جي ادبي صفحن ۽ مختلف رسالن ۾ شايع ٿيون."(9)

انهيءَ عرصي ۾ عورت ڪهاڻيڪارائون پنهنجو نالو مڃرائي چڪيون هيون، جن سماج جي مختلف موضوعن سميت جدت ۽ انفراديت سان بهترين فن تخليق ڪيو. ڪجهه ڪهاڻيڪارائون وقت جي وهڪري ۾ پوئتي رهجي ويون اُهو بہ ان لاءِ تہ عورت تي گهر ۽ سماج جون مختلف قسم جون پابنديون ۽ ذميواريون عائد هونديون آهن، جيڪي هو نڀائيندي نڀائيندي پنهنجو پاڻ کي ڪٽي وساري ويهنديون آهن. ٻيو تہ عورت ليکڪائن لاءِ هن مرداڻي معاشري ۾ الڳ قسم جا پئمانا آهن، پر جن کي بہ اڳتي اچڻ جو موقعو مليو آهي يا انهن همت ڪئي آهي تہ فن جي بلندين تائين پهتيون آهن انهن مان ماهتاب محبوب، نورالهديٰ شاهہ ۽ شبنم گل جا نالا سرِ فهرست آهن.

**ماهتاب محبوب:**

ماهتاب وٽ عورت جا نفسياتي مسئلا آهن، تہ هُو عورت جي اندر جي چالاڪين کي بہ جاڻي ٿي، ان لاءِ هڪ دور انديشي سان مشاهدو ماڻي هن سچ کي سماج اڳيان وائکو ڪيو آهي. سندس ڪهاڻي "ڪارو نانگ" ۾ هڪ اهڙي مسئلي کي ڏيکاريو ويو آهي جيڪو اڄڪلهہ جي ڏينهن ۾ روز جو معمول بڻيل آهي، يعني هٽ نوڪيا پير، مرشد جيڪي تعويذ پنهنجن ٽوٽن ڦيٽن سان پنهنجو ڌنڌو عام ڪيون وينا آهن، پر هتي هن هڪ "عورت" جي چالاڪين کي ظاهر ڪيو آهي. ڪيئن "علڻ ماءُ" ٻهروپي جو روپ اختيار ڪيون ماڻهن جي اڳيان پاڪدامن عورت پُڄائي واري بڻي ويني آهي، جنهن جو ڪم رڳو غريب، بيوس ۽ لاچار ماڻهن کان دولت ڦرڻ آهي. يعني هيءَ ڪهاڻي سندس حقيقت پسندي تي مبني آهي، جنهن ۾ ليکڪا اهم مسئلي طرف ڌيان ڇڪايو آهي. "علڻ ماءُ جنهن گهڻن ئي مرشدن جا هٿ ڌوئاريا آهن ۽ پاڻ "مرشدن جي نانيءَ" جي نالي سان مشهور آهي، سا پٽ کي دلداري ڏيندي، ٿپ ڏئي ڪٽ تان اُٿي ۽ آهستي آهستي "ڪاري نانگ" جي ڪمري ڏانهن وڃڻ لڳي. اکين ئي اکين سان آيل مهمانن کي ڪيڪارييئن ڪنوار کي ڳرانڙي وجهي چيائين "امان ـ ڏهہ خميسون پري رهيون، تون هفتو اصل رهہ ئي ٻيبي سڳوريءَ سان اڪيلي،

سڳوريءَ جي دعائن سان هن مهيني ۾ ئي تون اميد سان ٿينديءَ" سسٽس ۽ نورل ماءُ کي چيائين "وجهہ نہ وجايو، ڪنوار کي هنيئر ئي......" انڌو عقيدو رکندڙ سس ۽ نورل ماءُ ڪنوار کي ڇڏي پنهنجي گهر روانيون ٿيون، دنيا ڏٺو تہ هڪ مهيني اندر ڪنوار اميد سان ٿي وئي. هيءَ ڪرامت "ڪاري نانگ" بيبيءَ جي وڏين ڪرامتن مان هڪ ليکي ويندي."(10)

ان کان علاوه سنڌس بهترين ڪهاڻي ۾ "نڪ"، "ناسور" "سريت"، "بليٽن" "خيران"، "منو پت"، "چانديءَ جون تارون"، "مهٽي مونڪي"، سوڍا واٽر"، مطلب تہ سنڌس لاتعداد ڪهاڻيون آهن جيڪي ادب جي ميدان ۾ عورت جي نفسيات، مرد جو عورت سان ورتاءُ، رويو، خيال، غربت، نياڻين کي تعليم جو نہ ملڻ، حويلين ۽ ڪوٺن ۾ بند عورتن جي حسرتن جو اهڙيءَ تہ تاثير سان بيان ڪيو اٿس جو سندن ڪردار اکين اڳيان گهمندا ڦرندا محسوس ٿيندا آهن. ماهتاب محبوب ڪهاڻي "نڪ" ۾ نياڻين جي تعليم بابت آواز اٿاريو آهي ۽ اُن مسئلي کي اهڙي طرح اُجاگر ڪيو اٿس جو سندس پيغام جتي بہ پهتو آهي اُتي پنهنجو "مقصد" پهچائڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. چوتہ هڪ عورت ئي عورت جي مسئلن، مونجهارن، اندر جي پيڙا کي محسوس ڪري سگهي ٿي. عورت ڪهاڻيڪارن، پنهنجن ڪهاڻين ذريعي ڪوشش ڪئي آهي تہ عام ماڻهن ۾ عورت جي مسئلن جي پيچيدگين کي سمجهڻ جو شعور اچي ۽ هُو مسئلن جي نوعيت کي چڱي ريت سمجهي ۽ پرکي سگهن. "پر چوريءَ هٽي اسان جو اُچو ڳاٺ پچي وڌو. ست پيڙهيون ڪاريون ڪري ڇڏيائين، هاڻ ڪهڙو منهن ڪٽي برادري ۾ هلنداسين سپ ڪو آڱريون ڪٽندو تہ اجهي اُهي آهن، فلاٽا وڏ گهرا ڪامورا جنهن جي نينگري........."(11)

"هيانءُ هجنيئي ٻڏڻ جهڙو تہ ٻڌ. ڏير هن جي جوان جماڻ ٻارهين ورهين جي ڌيءَ اسان جو نڪ وڍائي اسڪول ۾ پڙهڻ ويني آهي."(12)

ان مان اِهيو ثابت ٿئي ٿو تہ سنڌي ڪهاڻيڪارائن ادب ۾ پنهنجو ڪردار وڏي همت، جدوجهد ۽ حوصلي سان ادا ڪيو آهي، ورهاڱي کان پوءِ شروعاتي دؤر ڪنهن کان ڳجهو ڪونهي، جڏهن ڪا عورت ليکڪا ادب جي ميدان ۾ پير رکندي هئي تہ ان تي اِهيو الزام هٽي ڪيس پوئتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي تہ هيءَ لکٽي سنڌس جي ناهي. (ڪنهن ٻئي يعني ڪنهن مرد کان لکرائي ويئي آهي). پر وقت اُهو ثابت ڪيو تہ عورت مضبوط ارادن سان اڳتي

اچي قدم وڌائي سگهي ٿي، هُوءَ ڪا ٻي مخلوق نہ ناهي؟ هُو بہ تہ توهان مان آهي، توهان جي پيءُ، ڌيءَ، ماءُ، زال ۽ بهترين دوست. ان ڪان علاوه تنوير جوڻيجو جي ڪهاڻي "تنهنجي ڪارڻ سهٽا پرين"، سحر امداد جي "پيڙ"، خير النساء جعفري جون "قربتون ۽ فاصلا"، "حويليءَ ڪان هاسٽل تائين" ۽ "تخليق جو موت"، فهميده ميمڻ جي "مٽيءَ لڌو مان"، "ڪاري"، جهان آرا سومرو جي "ليڪ جي هُن پار"، تبسم ماهتاب قريشي جي "سفارش"، تهمينہ مفتي جي "نيڻ ۽ نظارا"، ناهيد مغل "مُئل تخليق"، شبنم گل "هڪ لمحي جي خوشي"، فرزانہ شاهين "اڻپوري خواهش"، نسيم پارس گاد "هڪ شخص جيڪو چنڊ ٻڻجي نہ سگهيو"، تانيہ ٿيٻو "خوابن جو شاهي رستو، سوچون ۽ سپنا"، ان ڪان علاوه هاڻي تمام گهڻيون ڪهاڻيڪارائون آهن جن ڪهاڻي جي فن ۾ نوان نوان موضوع تخليق ڪيا آهن، اندر جا احساسات، جذبن جي پيچ ڏاهہ ۽ ٽٽل سليب تي چڙهيل سوچن کي ڪهاڻيءَ جو روپ ڏنو اٿائون. عورت جي موضوع تي جيجي زرينہ ڪافي لکيو آهي پر سندس ڪهاڻي "لکيو پئي لوڙهي" انهن ڪامياب ڪهاڻين مان هڪ آهي جيڪا عورت جي اندر جي احساسن جي پيچ ڏاهہ کي لفظن جو روپ ڏيئي ٿي، ان ڪان علاوه نسيم ٿيٻو جون ڪهاڻيون جيڪي سماجي مسئلن سان گڏ عورت جي مسئلن تي لکيل آهن مثال جي طور تي "اُبر چنڊ پس پرين"، "اَڌ رات"، "ڪاري رات"، "وڏي جن وڏياس"، "متو آهين مچ"، "احساس جا چڪ"، "ڳوڙهن جي ريڪا" اهم ڪهاڻيون آهن. جيڪي ڪارو ڪاري، غربت، پيار، محبت، نوڪري ڪندڙ عورتن جي مسئلن، عورت سان ٿيندڙ ظلم، ڏاڍ ۽ ڏرتي سان محبت جي موضوعن تي لکيل آهن. سنڌي افساني ۾ اڪثر مرد افسانا نويسن عورت کي شريف زادي ٿي گهرجي، چار ديواري ۾ بند ڏيکاريو آهي تہ ڪنهن هن کي مظلوم، مرد ۽ سماج جي ظلم جو شڪار ڏيکاريو آهي، تہ ڪنهن هن جي جسم جي وَرَ وڪڙن کي بيان ڪيو آهي، مطلب تہ مرد افسانا نويسن مان اڪثريت عورت کي ڏبل، هيسيل، مجبور، ڪمزور، محبوبا، شراب جي بوتل ڪري پيش ڪيو آهي (ڳالهہ اڪثريت جي آهي). ڏنو وڃي تہ جاگيرداري نظام ۾ عورت رڳو بيوس ۽ بي جان انسان آهي، جنهن ۾ جان رڳو ماڻڪ، نورالهديٰ شاهہ ۽ ماهتاب محبوب وڌي آهي، جن وڏي بهادري سان اهڙا ڪردار آندا آهن جيڪي هن سماج ڪان پنهنجا حق گهري رهيا آهن.

**نسيم ٿيٻو:**

"لاڙئون آيم سرتيون" ۾ مظلوم "ڪامل" جو ڪردار سامهون آندو آهي. "ڪميٽي وات تي ڪرين" سومر پاجاريءَ مان ڪلو ڪڍي ڪامل جي نرڙ تي وهائي ڪڍيو، جيڏي ڪامل، تيڏو رت! رڙ ڪري وجي پٽ تي پئي، سومر ٻه چار ٻيون لتون مکون ٻه وهائي ڪڍيس." (13)

هيءَ ڪهاڻي عورت جي مظلوميت، مرد جي هٺ، انا پرستي ۽ اڻ برابري کي ظاهر ڪندي سماج لاءِ ڪيئي سوال اُٿاري ٿي؟

**نورالهديٰ شاهه:**

هن بحيثيت عورت ڪهاڻيڪار جي پنهنجي موضوعن ۾ سماجي حقيقت نگاري، حقيقت پسندي، وجوديت ۽ جديديت جو لاڙو ظاهر ڪيو آهي، هن جا ڪردار، باغي، باهمت، پيار ۽ محبت جي جذبي سان سرشار محبت ۾ سچائي جا قائل آهن، نورالهديٰ شاهه جي ڪهاڻين ۾ چُيندڙ موضوع ڏنا ويا آهن جنهن ۾ هُن عورت جي مظلوميت، بيوسي، لاچاري ۽ اڻ برابري ۽ دين جي نالي تي يرغمال بڻائڻ ۾ هن سماج ۽ مرد کي ڏوهي قرار ڏنو آهي، سندس لاتعداد ڪهاڻين ۾ سماج کان نفرت ڏيکاريل آهي، سندس ڪهاڻيون، "ديوارون"، "ناگاساڪي"، "دوزخي"، "پاروتو گوشت"، شريف زادي"، "جلاوطن"، "من درپن"، "منهنجي زندگي جو جنم قيد" جي مٿي بيان ڪيل آهن، انهن موضوعن جي عڪاسي ڪن ٿيون. ان کان علاوه غربت جي موضوع تي عالمي معيار تي پورو لهندڙ ڪهاڻي "زندگي جو زهر" هڪ بهترين ڪهاڻي آهي. "گورڪن" ٻه هن موضوع جي عڪاسي ڪري ٿي. "پڻ چڻ جي رُت ۾"، "تون ۽ مان ڪڏهن نه ملنداسين"، "من درپن" رومانيت جي موضوع تي لکيل ڪهاڻيون آهن. سندس ڪهاڻي "مندر" اُداس ڏيئو، اڌ رات، ديوداسي" هڪ انقلابي ۽ باهمت عورت جي ڪهاڻي آهي، جنهن جا مُک ڪردار مريم ۽ مهراڻ آهن. "جن جوشيلن سنڌي شاگردن ۽ شاگردياڻين سان گڏجي هن سچ جي پيچري تي پير هو پاتو ڌرتي، ڌرتيءَ تي بک هڙتال ڪئي هئي، جلسا ۽ جلوس ڪڍيا هُئا، جن سان گڏجي هن احتجاجي بينر کنيا هئا، ون يونٽ ٽٽڻ جا جشن ملهايا هئا، سنڌي رسالن ۽ ڪتابن جا ستا ڪٽي سنڌين جا بند دروازا ڪڙڪايا هئا، ٻوڏ جي ستايلن لاءِ ڏگها ڏگها پنڌ ڪيا هئا، اهي سڀ هوريان هوريان ڪري پنهنجا پنهنجا پيچرا مٽائي ويا

هئا، مهراڻ سميت (جيڪو هن جي سپنن جو شريڪ هو) هو پارٽي جي اڳواڻن جي سفارشن تي ايئرڪنڊيشنڊ آفيسن ۾ وڃي وينا هئا ۽ هن جون جيڏيون انهن ڪامورن سان لائون لهي هاڻ نئين ماڊل جي گاڏين ۾ گھمنديون هيون. ماڻهو ڏاڍو ڪمزور ٿيندو آهي، جسم جي سک لاءِ پنهنجي آتما وڪڻي ڇڏيندو آهي.”(14)

نورالهديٰ شاهه جي ڪهاڻين ۾ اُهو ڪڙو سچ آهي، انقلاب آهي جيڪو پهريان جي ليکڪائن جي قلم ۾ گهٽ نظر ٿو اچي. سندس هڪ ڪهاڻي “دوزخي” مان حوالو پيش ڪجي ٿو، جيڪو سماج اڳيان ڪڙو سچ آهي، زنده حقيقت آهي. “صبح جو منهنجي دل چوندي آهي ته انهي اگهاڙي جسم کي حيدر بخش جتوئي چوڪ وٽ، جيئي سنڌ پارڪ جي ڦواري وٽ بيهاريان ۽ هن جي بدن تي لڳل چڪن جا نيرا نيرا نشان، ماڻهن کي ڏيکاريان ۽ چوان ڏسو اوهان جي اڳواڻن جا اصلي چهرا جي ڳولي سگهو ٿا ته ڳوليو هن ننگي جسم ۾ توهان جا بااخلاق اديب به آهن ۽ رهنما به.”(15)

**شبنم گل:**

نئين ٿهي جي عورتن جي نمائندا ڪهاڻيڪار شبنم گل، جنهن عورتن جي مسئلن کان علاوه گڏيل مسئلن تي به وڏي باريڪ بينيءَ سان لکيو اٿس، سندس ڪهاڻين جا موضوع پيار محبت کان علاوه جذبن احساسن سان پريل اُهي رشتا آهن، جيڪي وقت جي وهڪري ۾ ٽڙا يا ائين کڻي چئجي ته جدا، خاموش ۽ ڪڏهن ڪڏهن لڙهي وڃن ٿا. غربت جي موضوع تي به لکيو اٿس، ۽ ازدواجي زندگي تي به وڏي اثرائتي انداز ۾ لکيو اٿس، سندس ڪهاڻي “هڪ لمحي جي خوشي” تمام بهترين آهي. ان کان علاوه “گهڙيءَ گهڙيءَ هڪ گهاءُ” ۽ “پنهنجي لڙڪن ۾ اُجايل منچر” سندس اسلوب بيان، ڪردار نگاري ۽ موضوع جي حساب سان تمام اعليٰ ڪهاڻيون اٿس، ڪٿي ڪٿي “عورت” سندس مٿان حاوي ٿي وڃي ٿي پر ڪردارن سان واهه جو نڀايو اٿس. “پنهنجي لُڙڪن ۾ اُجايل منچر” مان حوالو ڏجي ٿو. هيءَ ڪهاڻي منچر جي مهاڻن جي زندگيءَ، غربت ۽ محرومين تي لکيل آهي. “هاءِ ڙي منچر تنهنجا جوبن ڏينهڙا” زرينا جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا، لڙڪن جي اولڙي ۾ منچر به ڏنڍلي تي هيٺ مٿي ٿيڻ لڳي.”(16)

“هتي توهان کي سهولتون ناهن پوءِ به بيڙين ۾ رهيا پيا آهيو؟” ڪنول حيرت منجهان چوڌاري ڏسي پڇيو. “هيءُ اسان جا اباڻا ڪک آهن، اسان جاوا ۽

نپنا هتي آهيون، ان ڪري اسان کي هيءُ گهر پيارو آهي، هتي اسان پنهنجا پاڻ ۾ آهيون.”(17)

منڇر ڏانهن وڌي زرينا لهرن کي ڀاڪر ۾ ڀري روئڻ لڳي. “منهنجي امڙ، منهنجي جيجل ائين چوندي رڙين ۾ پئجي وئي”. (18)

**نتيجو:**

ورهاڱي کانپوءِ 1990ع تائين سنڌي عورت ڪهاڻيڪارائن جي ڪردار کي اگر ڏٺو وڃي ته هن مردن جي معاشري ۾ جتي وک وک تي انهن کي ناڪامي جو منهن ٿو ڏسڻو پوي اُتي شروعاتي دور جي ڪهاڻيڪارائن وڏي همت ۽ جدوجهد سان پاڻ ملهايو آهي، انهن پنهنجي وس آهر ڪردارن سان پورو لهڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي آهي، پر ڪٿي ڪٿي ڪمي ضرور نظر اچي ٿي، جيئن نسيم ٿيٻو وٽ موضوعن جي يڪسانيت آهي، ائين نورالهديٰ شاهه مطابق “منهنجي اندر جو زهر” جيڪو مون کي سنڌي سماج کان وراثت ۾ مليو آهي، مون کان لکرائي ٿو.(19)

سندس اڪثر ڪهاڻين ۾ انقلابي عورت، سماجي مسئلا، غربت، بک ڏيکاري ويئي آهي، پر گهڻين ڪهاڻين ۾ هُن عورت جي “اُن” حالت (اڻبرابري ۽ وکر سمجهڻ واري حالت) جو ذميوار معاشري ۽ انهن جي ذميوار فردن کي سمجهيو آهي. ماهتاب محبوب وٽ نج سنڌي ڳوٺاڻا ڪردار ۽ عام فهم ٻولي آهي، ان سان گڏوگڏ وڏي ۾ وڏي ڇُيندڙ ڳالهه کي به مزاحيه انداز ۾ ڏيئي ڪهاڻي جو حسن وڌائي ڇڏي ٿي. ائين فهميده حسين وٽ ساده سهڻا ماروَن آهن ته شبنم گل وٽ پيار، محبت ۽ شريڪ حيات جو ساٿ اهم آهي. هن سماج جا گهڻا ئي مسئلا آهن جنهن کي ڪوبه تخليقڪار حل نٿو ڪري سگهي، ها البته پڙهندڙن ۽ ذميوار فردن جو ڌيان ضرور ڇڪائي سگهجي ٿو. اڄ جڏهن ادب ۾ اُهي پراڻيون حالتون ناهن رهيون، جتي عورت ڏڄڻي ۽ هيسيل رهندي هئي، جتي ڪيس وک وک سنيالي ڪٽڻي پوندي هئي، هي انهن هستين (شروعاتي ليکڪائن) جي ڪري ئي ممڪن ٿيو آهي جو اڄ جو ليکڪائون ايتري همت سان سماج جي اکين ۾ اکيون ملائي سچ کي تخليق ڪري سگهن ٿيون. هڪ ڪهاڻيڪار جو پورهيو تڏهن ئي ساب ويندو آهي جڏهن انهن جي لکڻين کي پڙهڻ واري زبان ۽ ڏسڻ واري اک ملي، پوءِ تعريف ٿئي يا تنقيد پر موضوع زيرِ بحث ضرور اچي، ۽ سجاڳ ذهنن لاءِ سوال کڙا ڪري. 1947ع کان 1990ع

وارو دؤر ڪهاڻيءَ جي عروج جو دور چئي سگهجي ٿو. پوءِ آهسته آهسته مختلف مرد يا عورت ڪهاڻيڪارن اُن تيزيءَ سان ادب تخليق نه ڪيو جيڪو پهريان ڪيو ويو، ان ۾ ڪجهه ذاتي مصروفيتون ۽ ڪجهه ذميوارين جو وڌڻ ۽ ڪجهه حالتن ڪان بي وس ٿي ڪناره ڪش ٿيڻ هيو. بحيثيت عورت ۽ مرد ڪهاڻيڪارن جي، سندن فن يا ڪردار ادا ڪرڻ جو ڪو بحث ناهي، ها البته ايترو ضرور چئي سگهجي ٿو ته هڪ ڪهاڻيڪار جي مرد ۽ عورت پنهنجي مشاهدي ۽ اردگرد جي ماحول مان جيڪو سکيو، ڏٺو ۽ ماڻهن تائين پهچائڻ چاهيو اُهو پڙهندڙن اڳيان آهي. مختلف مسئلن، مونجهارن ۽ گهريلو ذميوارين سان گڏ عورت ڪهاڻيڪارائن ادب جي ميدان ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ معياري فن تخليق ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي، جيڪو ساراهه جوڳو آهي.

## حوالا:


1. ملڪاڻي منگهارام، سنڌي نثر جي تاريخ، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، ڇاپو ٽيون، سال 1993ع ص103 -104.
2. ميمڻ موسيٰ پروين، ڪهاڻي، ڪلا ۽ سنڌي ادبي جو ڪهاڻيڪارائون، ڪراچي: ڪلاچي تحقيقي جرنل شاهه عبداللطيف پٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، جلد ٻارهون، شمارو ٻيون، سال ڊسمبر 2009، ص177.
3. نور افروز خواجه ڊاڪٽر ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ناول جي اوسر، حيدرآباد: گنج بخش ڪتاب گهر، سال 2008، ص49.
4. (مرتب ڪندڙ) ادل سومرو، ڊاڪٽر پاڪستاني ادب 1947 ـ 2008، انتخاب افسانه سندهي، ڪهاڻي مني، ليکڪ: زينت عبدالله چنه، اسلام آباد: اڪادمي ادبيات پاڪستان، ڇاپو پهريون، سال 2010، ص51.
5. زرين ثميره، وطن، مهراڻ گولڊن جوبلي نمبر، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، سال 2006، جلد 56، نمبر2،3، ص196.
6. ايضاً، ص196.
7. (مرتب ڪندڙ) ادل سومرو، ڊاڪٽر، پاڪستاني ادب 1947 ـ 2008، انتخاب افسانه سندهي، ليکڪ: رشيده حجاب، ڪهاڻي "جيئڻ جا سهارا"، اسلام آباد: اڪادمي ادبيات پاڪستان، ڇاپو: پهريون، سال 2010، ص161.
8. اُتم چنداڻي سُندري، لکي ڏي، مهراڻ گولڊن جوبلي نمبر، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، سال 2006، جلد 56، نمبر3،2، ص202.

9. ميمڻ موسيٰ پروين، ڪهاڻي ڪلا ۽ سنڌي ادب جو ڪهاڻيڪارائون، ڪراچي: ڪلاچي تحقيقي جرنل، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي، جلد ٻارهون، شمارو ٻيون، سال ڊسمبر 2009، ص177.
10. محبوب ماهتاب، چانديءَ جون تارون پرهه کان پهرين، ڪهاڻي ڪارو نانگ، حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشنس، ڇاپو ٽيون، جولاءِ 1999، ص78.
11. ايضاً، ڪهاڻي نڪ ص65.
12. ايضاً، ص67.
13. ٽيبو نسيم، اُڀر چنڊ پس پرين، لاڙئون آيم سرتيون، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو پهريون، مارچ 2013، ص109.
14. شاهه نورالهديٰ، ڪربلا، مندر، اداس ڏيئو، اڌ رات، ديوداسي، حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشنس، ڇاپو ٽيون، اپريل 1994، ص92.
15. شاهه نورالهديٰ، جلاوطن، دوزخي، حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشنس، ڇاپو ڇهون، جولاءِ 1998، ص66.
16. گل شبنم پنهنجن لڙڪن ۾ اُجايل منچر، ڄامشورو: مهراڻ جلد64، اپريل - جون 2014، نمبر 2، سنڌي ادبي بورڊ، ص170.
17. ايضاً ص171.
18. ايضاً ص172.
19. شاهه نورالهديٰ، جلاوطن، مهاڳ اناالحق حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشنس، ڇاپو ڇهون، سال 1998، ص14.